1

# صحت و سائنس

# INTERFERON

## The IF Drug For Cancer



# صحت ۽ سائنس

## نمبر- 1

مرتب

جمشيد رحيم جوڻيجو

مارچ 1984

قيمت 00-5

صحت ۽ سائنس پبليڪيشن
پوسٽ باڪس نمبر 317
حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**SEHAT AIN SCIENCE No. 1**
A digest of latest developments in health and science in Sindhi.
Published by Jamshed Rahim Junejo.
P.O Box No. 317, Hyderabad Sindh. (March 1984)

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پرفيڪٽ پرنٽرس، 474، صدر حيدرآباد سنڌ.

# پيش لفظ

سنڌي ۾ سائنسي مواد جي کوٽ محسوس ڪندي اسان هي ڪتابي سلسلو جاري ڪيو آهي. سائنس ۾ سنڌ سائنس سوسائٽي پاران ماهوار رسالو "سائنس" ڪجهه وقت کان نڪرڻ بند ٿي ويو هو پر اڳڪلهه اهو ٻيهر وري نڪرڻ شروع ٿيو آهي، اسان پنهنجي ڪتابي سلسلي کي ڪجهه مختلف رکيو آهي، ۽ گهڻو ڪري سائنسي مواد اهو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئون جنهن جو سڌو سنئون تعلق صحت سان آهي.

هڪ ٻي ڳالهه خاص اها آهي ته هن ۾ سائنس ۽ صحت جي اها بنيادي معلومات ڪانهي، جيڪا ڪتابن مان ملي ٿي. پر هن ۾ اوهان کي اها معلومات ملندي جيڪا صحت ۽ سائنس جي تازا ترين معلومات آهي. هي سلسلو صحت ۽ سائنس جي ترقي جي رفتار جو عيوضي آهي.

هن پهرين نمبر ۾ اسان رکيو هڪ روزاني اخبار مان ٻن ٽن مهينن جو مواد ڪنيون آهي. پر جي واپاري لحاظ کان ڪامياب وياسين ته ٻين رسالن جهڙوڪ 'ٽائم'، 'نيوز ويڪ' 'ريڊرس ڊائجيسٽ' وغيره مان معلومات ڪٺي سگهنداسين.

اسان جو مقصد عام ماڻهن کي سائنسي رفتار جي هاڻوڪي صورت حال پيش ڪري اڻ سڌي طرح سائنس ۾ عوام جي دلچسپي وڌائڻ آهي.

ڪابه قوم ۽ ٻولي تيستائين ترقي يافته نه سڏبي جيستائين اها سائنس ۾ ترقي نه ڪندي.

مرتب

جمشيد رحيم جوڻيجو

# جهنگلي ٻوٽن ۽ جانورن جي فنا ٿيڻ جو خطرو

## Wild animals, plants facing extinction risk

سال 2000ع تائين سڄيءَ دنيا مان تقريباً ويهه سيڪڙو ٻوٽا ۽ جانور فنا ٿي ويندا. جنهن جو وڏو ڪارڻ، شڪار ڪرڻ يا ناجائز طريقن سان وڻج واپار ڪرڻ ٻڌايو ويو آهي، اهڙي پڌرائي بوٽسوانا (آفريڪا) جي گاريبون شهر ۾ جهنگلي جيوت بابت ڪيل ڪانفرنس ۾ ڪئي ويئي آهي، انهيءَ سلسلي ۾ هڪڙي ماهر وضاحت ڪندي اهو ٻڌايو ته جهنگلي جيون ۽ ٻوٽن کي اڳ جي ڀيٽ ۾ اڄڪلهه جيترو خطرو آهي انهيءَ کان وڌيڪ ڀرين ڪڏهن نه هو. اهڙي نقصان جو اندازو لڳائي نه ٿو سگهجي ۽ اهو تاريخ جو هڪڙو وڏو سانحو ليکيو ويندو.

گڏيل قومن جي وايو منڊل واري پروگرام جي ڊائريڪٽر مصطفيٰ طولبه انهيءَ سلسلي ۾ گهر ڪئي آهي ته اهڙن ماڻهن کي جيڪي جاندارن جو ناجائز واپار ۽ شڪار ڪن ٿا تن کي ڊگهي مدي لاءِ جيل ڏجي ۽ ڳرا ڏنڊ وڌا وڃن. (ڊان 22-4-1983)

# صحت سار سنڀار تي ريڊيو پروگرام

## Radio programmes on health care

وائس آف جرمنيءَ ۽ ريڊيو پاڪستان هڪ اهڙي رٿا تي ناهه ڪيو آهي جنهن تحت صحت جي بنيادي تعليم بابت ريڊيو پروگرام نشر ڪيا ويندا، اهو پروگرام 30 منٽن جو هوندو ۽ پاڪستان سميت اسي ملڪن ۾ نشر ڪيو ويندو، پاڪستان ۾ صحت جي اهڙي تعليمي پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ سڀ کان اڳ ۾ ماهر جرمنيءَ مان ايندا جيڪي ملڪ جي شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي صحت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو جائزو وٺندا، پاڪستان ۾ اهو پروگرام رڳو اردوءَ ۽ انگريزيءَ ۾ پيش ڪيو ويندو.

(ڊان 24-4-1983)

# پنجاب ۾ پئليئوليٿڪ دور جا هٿيار هٿ آيا

## Paleolithic age tools discovered in Punjab

برطانيا جي آرڪيالاجي ٽيم، پاڪستان جي ڊپارٽمينٽ آف آرڪيالاجي ۽ ميوزم، منسٽري آف ڪلچر ۽ ٽوئرزم هڪ اهم انڪشاف ڪيو آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پنجاب ۾ قديم ماڻهو رهندا هيا. انهيءَ ڳالهه جي ثبوت ۾ جهلم ۽ راولپنڊي ضلعي جي ڪيترن هنڌن تان پٿر جا ٺهيل اهي هٿيار ۽ اوزار هٿ آيا آهن جن لاءِ دعويٰ ڪئي ويئي آهي ته اهي اڄ کان پنج سو هزار ۽ ست سو هزار سال پراڻا آهن، سائنسي لحاظ

آهستي ڪري ماڻهوءَ هميشه هميشه لاءِ هن ڌرتيءَ تان ناس ڪري ڇڏيا. انهن 29 مان 9 ته رڳو نارٿ اميريڪا ۾ هوندا هيا.

اڄ ڪلهه جي باقي بچيل گينڊن ۾ وڏي ۾ وڏو گينڊو آفريڪا جو آهي جيڪو سادا چار ميٽر ڊگهو ۽ ڪلهن وٽ ٻه ميٽر اڀو ٿيندو آهي. سندس وزن اڍائي ٽن ڪن ٿئي.

تاريخي دور کان اڳ واري زماني جو هڪڙو اهڙو گينڊو بلوچي ٿيريم (Baluchi therium) هوندو هيو. هي ڇهه ميٽر ڊگهو هوندو هيو ۽ سندس ڳچي ٻه پوريءَ طرح سان ڊگهي هوندي هئي. اهو ايترو ته اوچو هوندو هو جهڙوڪ ٻه ڊبل ڊيڪر بسون پاڻ ۾ ملايون ويون هجن. سندس واسطو جيتوٽيڪ گينڊن جي ٽوليءَ سان هوندو هيو پر ڏنهن ۾ سندس جوڙجڪ عجيب قسم جي هوندي هئي جو ايئن لڳندو هيو ڄڻ ته ڪيترن ئي مختلف قسمن جي جانورن کي ملائي هي گينڊو ناهيو ويو هجي. سندس ڌڙ گينڊي جهڙو، منڍي ۽ ڳچي گهوڙي جهڙي، پڇ ڳڏهه جهڙو ۽ پير هاٿيءَ جهڙا هوندا هيا. سندس دور 25-40 ملين سال اڳ جو ٻڌايو وڃي ٿو. اهڙي دور کي سائنسي لحاظ کان آليگوسين (Oligocene) ٻه سڏيو ويندو آهي. هي گينڊو بلوچستان ۾ ٿيندو هيو. اهو ئي سبب آهي جو سندس سائنسي نالي سان بلوچستان ٻه ڳنڍيل آهي. هن جي هڏڻ جو پتو 1912 ۾ پيو هو.

(ڊان 9-4-1983)

## عالمي صحت جو ڏينهن ملهايو ويو

### World Health Day

ستين اپريل 1983 تي، پاڪستان سميت سڄيءَ دنيا ۾ صحت جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو. انهيءَ ڏينهن ملهائڻ جو مقصد اهو وچن ڪرڻ هيو ته اهڙيون ڪوششون ڪيون وڃن ته جيئن سن 2000 ع تائين هر هڪ ماڻهوءَ کي صحت جون سڀ سهوليتون نصيب ٿي سگهن ۽ ڪوبه بيمار ۽ لاچار نه هجي.

(ڊان 8-4-1983)

## ڪينسر جي علاج لاءِ نئين حڪمت عملي

### New strategy to cure cancer

اميريڪن ڪينسر سوسائٽي جي سڏ تي ڪوٺايل، سائنسي ليکڪن جي ڪانفرنس ۾ اها ٻڌرائي ڪئي ويئي آهي ته ڪينسريائي ڳوڙهيون هڪڙو اهڙو مادو خارج ڪن ٿيون جنهن وسيلي جسم مان ڪينسريائي سيلن کي خارج ڪري سگهجي ٿو، اهو هڪڙو اهڙو نئون طريقو هٿ ڪيو ويو آهي جنهن وسيلي رڳو ڪينسريائي سيلن کي ئي ناس ڪري سگهجي ٿو ۽ انهن جو باقي جسم جي صحت مند ۽ عام رواجي سيلن تي ڪو خراب اثر

ذهني پورهيو، وڌيل وزن ۽ کاڌن ۾ لوڻن جي جهجهي استعمال ڪرڻ سان پڻ هائپرٽينشن جو مرض ٿي سگهي ٿو.

شرڪت ڪندڙن، ڪي هائپرٽينشن ۽ ان تي ڪيل تازين کوجنائن بابت هڪ فلم پڻ ڏيکاري وئي. ڪيترن ماهرن ۽ فيملي فزيشنن انهي موضوع تي تفصيل سان ڳالهايو.

(ڊان 1983-4-9)

# اڻ رجسٽر ٿيل حڪيم ۽ ڊاڪٽر

## Unregistered medical practitioners

وفاقي حڪومت انهيءَ ڳالهہ جي وضاحت ڪئي آهي تہ اڻ رجسٽر ٿيل ميڊيڪل پريڪٽشنرن جي مختلف ادارن وسيلي جيڪا رجسٽريشن ٿي رهي آهي، اها بيقانوني آهي. ان کي قانوني يا سرڪاري طور تي نہ مڃيو ويندو جو اهڙا ادارا پڻ بي قانوناً آهن.

(ڊان 1983-4-8)

# دوائن جي کپت ۾ واڌارو

## Rs 3 billion rise in domestic demand of drugs in 1982-83

ملڪي دوائن جي مارڪيٽ ۾ هر سال 25 سيڪڙي جو واڌارو ٿي رهيو آهي. جڏهن تہ ڊرگس ۽ ميڊيسن جي گهريلو گهرج 1982-83 دوران 3 بلين روپين تائين وڌي وئي آهي.

اسان وٽ 6500 رجسٽرڊ ميڊيڪل پراڊڪٽس آهن جن مان 4000 هتي ٺهي تيار ٿيون ويندون آهن ۽ 200 ٻاهران گهرايون ويندون آهن. گهريلو دوائن ۾ گهڻي ڀاڱي رڳو پراسيسنگ ۽ پيڪيجنگ اچي وڃي ٿي. ملڪ ۾ اهڙا ڪل رجسٽرڊ يونٽ جيڪي ڊرگس ايڪٽ 1976 تحت دوائون تيار ڪري رهيا آهن 206 ڪن آهن. جڏهن تہ ڏهہ اهڙيون ڪمپنيون آهن جيڪي گهڻ قوميائي ڪمپنين سان واسطو رکن ٿيون. انهن جو مارڪيٽ جي 65 سيڪڙو پيداوار تي ضابطو آهي. ويڪسين ۽ سيرا نجي سيڪٽر ۾ تيار ڪيا ويندا آهن.

صحت جي پلاننگ ڪميشن جي ورڪنگ گروپ اهڙين ڪيترين ئي ملڪ جي صحت بابت ڳالهين جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ ٻچن جو وڌيل انگ، وڌيل ٻالڪ موت، ويم سبب وڏيڪ موت ۽ ڇڙندڙ مرض سبب وڏيڪ بيمارين جهڙيون ڳالهيون شامل آهن. پکڙجندڙ مرضن ڪري نہ رڳو ماضيءَ ۾ پر اڄ بہ موت انگ ۾ واڌارو آيو آهي. انهن سيني ۾ ڊائريا ۽ روڳ، موت جو هڪ عام سبب آهي.

جيڪا رپورٽ پيش ڪئي وئي آهي، انهيءَ حساب سان هر 4000 ماڻهن لاءِ هڪڙو ڊاڪٽر موجود آهي. 83,636 ڄڻن جي مريضن لاءِ هڪڙو ڊينٽسٽ آهي. اسپتال جي 6.4 بسترن لاءِ هڪ نرس آهي. 12,943 ماڻهن لاءِ هڪڙي پرائمري هيلٿ ڪيئر جي سهوليت موجود آهي. اسپتالن کان سواءِ 1715 بنيادي

پيٽرن، مٿن ۽ مائٽن جو علاج انهن بازاري حڪيمن کان ڪرائڻ گهرندا جن جي لاءِ اهي غريب عوام کي مشورو ڏين ٿا؟ (ڊاڪٽر بدر صديقي P.M.A ڪراچي جو لکيل خط)

# دمه

## Asthma

مان هن خط جي ذريعي بيگم– ايس– اي عثماني ۽ نه رڳو دمه جي مريضن پر هر قسم جي بيمارين جي مريضن کي ٻڌائڻ ٿو گهران ته ٽن علاجن جي طريقن جنهن جو ذڪر بيگم ايس– اي عثماني ڊان ۾ ڪيو هو، کان سواءِ هڪڙو چوٿون سائنسي علاج به آهي. جنهن کي ”هائيڊرو پيٿي“ (Hydropathy) (پاڻيءَ سان علاج) چوندا آهن.

هي طريقو ٻين ٽن علاج جي طريقن کان گهڻي لحاظن کان سٺو آهي. هن ۾ ڪنهن به دوا جي يا آپريشن جي ڪٿو ڪري ضرورت نه ٿي پوي، هي واحد علاج جو طريقو آهي جنهن سان سڀني بيمارين جو مڪمل علاج ٿي سگهي ٿو ۽ ساڳئي وقت مردن ۽ عورتن لاءِ موثر آهي. مان هن طريقي سان دم جي ۽ ٻين بيمارين جي مريضن جو گذريل 9 (نون) سالن ۾ ڪامياب علاج ڪيو آهي. ڪو به شخص مون کان هن علاج جي طريقي بابت مڪمل معلومات گهرائي آزمائي سگهي ٿو. هڪ خاص ڳالهه اها آهي ته معلوماتي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ هو پنهنجو ۽ ٻين جو علاج پاڻ ڪري سگهي ٿو.

(ڊان 10-5-1983 ۾ محمود احمد خان ڪراچي جو لکيل خط.)

**the following
range of prescription pharmaceuticals of
Reckitt & Colman Pharmaceutical Division
is available**

# bonjela
# Epilim
# FLENAC
# GAVISCON
# Pripsen
# Senokot
# Temgesic
# Transvasin

Reckitt & Colman
Pharmaceutical Division
G.P.O. Box 625, Karachi-1.

MCM-82

# HEADACHE? FLU & FEVER? PAIN?

Nicholas

Remember

# ASPRO-NICHOLAS

## ASPIRIN

Aspirin should not be taken on empty stomach. Do not take frequently if you suffer from indigestion. Keep it away from children. If symptoms persist, consult your physician.

# WE CARE

We care about people — all people. We care about their health & well-being. That's why we make quality medicines, according to strict quality control, as our effort towards alleviating suffering.

And we care about people — our people. And apart from offering job opportunities, try to make their working conditions as pleasant as possible.

## OUR CARE: TO REDUCE YOUR CARE.

Boots

**THE BOOTS COMPANY (PAKISTAN) LTD**
Korangi Industrial Area, Karachi. Tel: 310151-4.



# YOU DON'T HAVE TO HAVE DANDRUFF TO USE

# GLORAPEL®




**It is also an excellent shampoo which cleans your hair Makes it look good too!**

ABBOTT

صحت ۽ سائنس

۾

انڌرپڙهو

# صحت ۽ سائنس جي باري ۾ تازا ترين معلومات

* دل جي مرض لاءِ نئين دوا

* 'ايڊس' هڪ نئون موتمار مرض

* 'انٽرفيران' ڪينسر، وائرس ۽ ايڊس مرض لاءِ هڪ ڪارائتي دوا

* بنا آپريشن مغز جي ڳوڙهي جو علاج

* سگريٽن کان بچڻ لاءِ ترڪيبون

۽ ٻيو گهڻو ڪجهه